# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1992
# SINDH ORDINANCE NO. V OF 1992
# سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992
# THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VIII of 1980

3. ميمبر

Member


# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1992
# SINDH ORDINANCE NO. V

# OF 1992

# سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992

# THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

[23 ڊسمبر 1992]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.
(2) اهوفوري طور لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh

2. سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 جي دفعه 4 ۾-
(1) ذيلي دفعه (1) ۾ آئٽم (II-A) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل شامل ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Ordinance VIII of 1980 | ” (II-AA) سيڪريٽري آف گورنمينٽ سنڌ ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ “ |
| ميمبر Member | (2) ذيلي دفعه (2) جي لاءِ هيٺ ڏنل متبادل هوندو:- ”(2) سيڪريٽري ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ ۽ ڊائريڪٽر آف اسپورٽس کي ترتيبوار سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ترتيبوار به سمجهيو ويندو.“ |

**نوٽ:-** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.